ڪتابچو- 20



# مڱ- Green Gram

## زمين:

مڱ جي پوک لاءِ لٽياسي ، وارياسي ۽ وچولي زمين تمام بهترين آهي. اهوئي سبب آهي ته فصل ڪچي، ڪاچي ۽ ٿر ۾ پوکيو وڃي ٿو. جڏهن ته سنڌ جي وچولي آبپاشي واري علائقي جون زمينون هن علائقي جي لاءِ موزون آهن.

## زمين جي تياري

هن فصل جي پوکي لاءِ زمين کي 2 کان 3 سڪي جا هر ڏئي سنوت ۾ آڻي ريج ڪجي . جڏهن زمين وٽ ۾ اچي يا هر ڏيڻ جي لائق ٿئي ته ان ۾ ٻه يا ٽي سائي جا هر ڏئي سانهر گهمائي ۽ زمين کي پوکي لاءِ هموار ڪجي. پوکيءَ وقت زمين ۾ مناسب ريج يا آلاڻ هئڻ گهرجي ته جيئين ٻج جو ڦوٽهڙو صحيح ٿئي.

## پوکي جو وقت ۽ طريقو

مڱ جي پوکڻ جون ٻه موسمون آهن. هڪ بهار جي موسم ۽ ٻي اونهاري يا گرمي جي موسم. بهار جي موسم 15 فيبروري کان 15 مارچ تائين ۽ گرمي جي موسم جون ۽ جولاءِ آهي. جنهن کي مڱ جو خريف وارو فصل چئجي ٿو. جيڪو بهار واري فصل کان وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿو. گڏيل پوک لاءِ مڱن کي ٻين فصلن سان گڏ به پوکي سگهجي ٿو. جنهن ۾ ووئٽن سان گڏ اوڙ جي وچ ۾ ناڙي زريعي پوکي سگهجي ٿو. هن فصل جي پوکي ناڙي يا ڇٽ زريعي ڪرڻ گهرجي پر ناڙي رستي پوک بهتر آهي. ناڙي واري پوک مان گند گاهه آساني سان ڪڍي سگهجن ٿا. جنهن ڪري فصل پيداوار به وڌيڪ ڏئي ٿو. مڱن جي ناڙي قطارن ۾ هڪ فٽ جي مفاصلي تي هئڻ گهرجي. پوکي وقت اهو خيال رکڻ گهرجي ته زمين ۾ وٽ يا آلاڻ مناسب مقدار ۾ هجي.

## ٻج جو مقدار

هن فصل جي پوکي لاءِ 6 کان 8 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. ڇٽ جي صورت ۾ 8 کان 10 ڪلو گرام في ايڪڙ استعمال ڪجي. ٻج صاف ۽ تندرست هئڻ گهرجي يعني جنس ملاوت کان پاڪ هجي جڏهن ته ڪيڙي ۽ بيماري لڳل ٻج کان پاسو ڪجي.

## جنسون

مڱن جون ڪيتريون ئي جنسون پوکيون وڃن ٿيون جيڪي پيداوار ۾ بهتر آهن. جهڙوڪ سي_23، ديسي جنس _1_66، اين ايم _20_6 اين_ايم21_20،ايس_8 وغيره شامل آهن. جڏهن ته سنڌ لاءِ هڪ نئين سفارش ڪيل جنسن ۾ اي اي ايم 96 جنس وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿي ۽ ٻين جنسن جي ڀيٽ ۾ 10 کان 15 ڏينهن اڳاٽو پچي ٿي، جيڪا 60 ڏينهن ۾ پچي تيار ٿئي ٿي.

## پاڻ ڏيڻ

منگن جي فصل ۾ هڪ ٻوري ڊي-اي-پي پوکي وقت ڏيڻ گهرجي. ۽ هڪ ٻوري يوريا پهرين پاڻي کي ڏيڻ گهرجي.

## پاڻي ڏيڻ

منگن جي فصل لاءِ 3 کان 4 پاڻي ڪافي آهن. پهريون پاڻي پوکيءَ جي ٽن هفتن بعد ٻيو پاڻي گل ٻاڻي وقت ۽ ٽيون پاڻي ڦرين نهڻ وقت ڏيڻ گهرجي. پر هي فصل باراني فصل طور به پوکيو وڃي ٿو.

## گڏ ڪرڻ

هن فصل ۾ گڏ پهرين پاڻي کان اڳ ڪيجي ته جيئن گند گاهه جو خاتمو اچي. گڏ ڪڍڻ جي سبب زمين نرم ٿيندي ۽ ٻوٽا روزدار واڌ ڪندا.

## لاٻارو

مگن جا سال ۾ ٽي فصل لڳايا وڃن ٿا. تنهن ڪري انهن جو لاٻارو مختلف وقتن تي ڪيو وڃي ٿو. جڏهن فصل جون ڦريون 80 کان 90 سيڪڙو پچي وڃن ته لاٻارو شروع ڪجي

## پيداوار

هن فصل مان 8 کان 15 مڻ پيداوار في ايڪڙ وٺي سگهجي ٿي.

آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز
ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ
ICT Agricultural Extension Services Center, Directorate General Agriculture Extension, Agriculture, Supply & Prices Department Government of Sindh, Block-F, Shahbaz Building Hyderabad.
Helpline: +92 3111646111 Email: ictagriextensionsindh@gmail.com
www.ictagrisindh.gov.pk